هفتيوار رسالو

امير اهلِ سُنت جو تقريباً 37 سال پهريان جو بيان

# رسول الله جي محبّت

(سنڌي)



- كامل ايمان كڏهن ٿيندو آهي؟
- خاتون روئندي روئندي جان ڏئي ڇڏي
- مؤذنِ رسول جي مديني شريف کان هجرت
- مشركين جي مخالفت كيو

ترجمو
TRANSLATION
DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1447 ھ آگسٽ 2025ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# رسولُ الله جي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محبت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت [1]

**دعاءِعطار:** يا رب ڪريم! جيڪو بہ ھي مڪمل رسالو ”رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سچي پڪي محبت نصيب فرماءِ ۽ ان کي ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## درود شريف جي فضيلت

مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو آهي: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي درودِ پاڪ پڙهڻ گناهن کي ايتري تيزي سان مٽائيندو آهي جو پاڻي بہ باهہ کي ايترو جلدي ناهي وسائيندو، ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ گردنون (يعني غلام) آزاد ڪرڻ کان افضل آهي. (القول البديع،ص258ملتقطاً)

محمد کی محبّت دینِ حق کی شرطِ اوّل ہے    اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمّل ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

---

1... ھي بيان شيخ طريقت، اميرِ اھلِ سنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن 1407ھ بمطابق 1987ع ۾ دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز، جامع مسجد گلزارِ حبيب، ڪراچي ۾ عاشقانِ رسول جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ فرمايو هو، جنهن کي ”المدينةُ العلميہ“ جي ”شعبي بياناتِ اميرِ اهلِ سنت“ مرتب ڪيو آهي.

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ (سيپارو: 3، آلِ عمران: 31)

ترجمو كنزُ العرفان: اي حبيب! اوهان فرمايو تہ اي انسانو! جيكڏهن توهان الله سان محبت كيو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار بڻجي وڃو الله توهان سان محبت كندو.

هن آيت مباركہ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله پاڪ جي محبت حاصل كرڻ لاءِ اتباعِ سنت شرط آهي، يعني جيكڏهن كو الله پاڪ جو محبوب (يعني پسنديده ٻانهو) ٿيڻ چاهي ٿو تہ ان كي گهرجي تہ سنت جي پيروي كري. ظاهر آهي تہ اتباعِ سنت اهو ئي كندو جنهن كي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت هوندي. بالفرض جيكڏهن كو پاڻ كريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت نٿو ركي تہ صرف نقل ۾ اتباع كرڻ سان ان كي كو فائدو حاصل نہ ٿيندو، جو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت كرڻ وارو ئي الله جو محبوب بڻجي سگهي ٿو. جنهن خوش نصيب امتيءَ سان رسول كريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود محبت فرمائين ۽ پنهنجو منظورِ نظر بڻائي ونن تہ ان جي محبوبيت، مقبوليت ۽ عظمت جي كهڙي شان هوندي! مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

اللہ کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے
اس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو

(ذوقِ نعت، ص206)

اي عاشقانِ رسول! اسان جو ايمان ان وقت ئي كامل ٿيندو جڏهن اسان پياري آقا، مكي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن كي پنهنجي جان كان بہ وڌيك عزيز ڄاڻينداسين، نہ تہ اسان كامل مؤمن نٿا ٿي سگهون. جيئن تہ:

## ايمان كڏهن كامل ٿيندو آهي؟

هڪ ڀيري حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ نبي كريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ عرض كيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان مون كي منهنجي

جان کان سواءِ هر شيءِ کان وڌيڪ محبوب آهيو. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: نہ! ان ذات جو قسم جنهن جي قدرت جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! (اي عمر! تنهنجي محبت ان وقت تائين ڪامل نہ ٿيندي) جيستائين مان تنهنجي ويجهو تنهنجي جان ڪان بہ وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان. فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! خدا جو قسم! توهان مون ڪي منهنجي جان ڪان بہ وڌيڪ محبوب آهيو.

اهو ٻڌي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "اَلْاٰنَ یَاعُمَر" يعني "اي عمر! هاڻي (تنهنجي محبت ڪامل ٿي وئي)." (بخاري، 283/4، حديث: 6632 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ذاتِ والا صفات اسان ڪي پنهنجي جان ڪان بہ وڌيڪ عزيز هئڻ گهرجي. جيتوڻيڪ اسان زباني طور تي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪي پنهنجي جان ڪان وڌيڪ عزيز چئون ٿا ۽ محبت جو دم ڀريون ٿا، پر ان محبت جي نشاني ۽ تڙپ اسان جي اندر عملي طور تي نٿي ملي. جڏهن تہ اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم صرف گفتار جا غازي نہ هئا، پر عملي طور تي ڪري بہ ڏيکاريندا هئا. انهن ڪي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان ايڏو تہ عشق هو جنهن جو مثال نٿو ملي. اهي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هر هر ادا ڪي اپنائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪنهن حديث پاڪ ڪي بيان ڪندي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪا خاص ادا اپنائي هجي تہ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہم بہ ان حديث پاڪ ڪي بيان ڪندي ان خاص ادا ڪي اپنائيندا هئا. جيئن تہ

## سڀ کان آخري جنتي شخص

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "جنت ۾ سڀ کان آخر ۾ داخل ٿيڻ وارو شخص اهو هوندو جيڪو ڪِرندي گهلجندي جنت ڏانهن وڃي رهيو هوندو ۽ دوزخ جي باھ ان ڪي ساڙي رهي هوندي. جڏهن اهو دوزخ مان گذري

ويندو تہ ان ڏانھن ڏسي الله پاڪ جي حمد بيان ڪندي چوندو: وڏي برڪت وارو آهي اهو جنھن مون کي توکان نجات ڏني. پوءِ ان کي هڪ چانوَ وارو وڻ نظر ايندو ۽ اهو الله پاڪ کان دعا گھرندو: اي مالڪ! مون کي هن وڻ جي ويجھو ڪر تہ جيئن مان ان مان چانوَ حاصل ڪريان ۽ ان جو پاڻي پيئان. الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: اي منھنجا ٻانھا! جيڪڏھن مان توکي هي عطا ڪري ڇڏيان تہ پوءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ تہ نہ گھرندين؟ عرض ڪندو: نہ يا رب! ۽ پنھنجي رب سان واعدو ڪندو تہ ان کان سواءِ ڪجھ نہ گھرندو. الله پاڪ ان جي معذرت قبول فرمائيندو ڇو تہ اهو اهڙي شيءِ ڏسي رهيو هوندو جنھن تي ان کي صبر نٿي ٿي سگھيو. الله پاڪ ٻانھي کي ان وڻ جي ويجھو ڪري ڇڏيندو ۽ اهو ان جي چانوَ حاصل ڪندو ۽ پاڻي پيئندو. پوءِ ان کي هڪ ٻيو وڻ نظر ايندو جيڪو پھرين وڻ کان وڌيڪ حسين هوندو. ان کي ڏسي اهو الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪندو: مولا! تون مون کي هن وڻ جي ويجھو ڪر تہ جيئن مان ان مان چانوَ حاصل ڪريان ۽ ان جو پاڻي پيئان. مان ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ گھرندس. الله پاڪ فرمائيندو: اي ابنِ آدم! ڇا تو واعدو نہ ڪيو هو تہ تون ان (اڳوڻي وڻ) کان سواءِ ڪجھ نہ گھرندين؟ پوءِ الله پاڪ فرمائيندو: جيڪڏھن مان توکي هن وڻ جي ويجھو ڪري ڇڏيان تہ پوءِ تون ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ تہ نہ گھرندين؟ عرض ڪندو: نہ يا رب! ۽ اهو پنھنجي رب سان واعدو ڪندو تہ ان کان سواءِ ڪجھ نہ گھرندو. الله پاڪ ان جي معذرت قبول فرمائيندو ڇو تہ اهو اهڙي شيءِ ڏسي رهيو هوندو جنھن تي ان کي صبر نٿي ٿي سگھيو. الله پاڪ ٻانھي کي ان وڻ جي ويجھو ڪري ڇڏيندو ۽ اهو ان جي چانوَ حاصل ڪندو ۽ پاڻي پيئندو. پوءِ ان کي جنت جي دروازي وٽ هڪ وڻ ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو پھرين ٻنھي وڻن کان وڌيڪ حسين ۽ خوبصورت هوندو. اهو الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪندو: اي مولا! تون مون کي هن وڻ جي ويجھو ڪر تہ جيئن مان ان مان چانوَ حاصل ڪريان ۽ ان جو پاڻي پيئان. مان ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ گھرندس. الله پاڪ فرمائيندو: اي ابنِ آدم! ڇا تو واعدو نہ ڪيو هو تہ تون ان کان سواءِ ڪجھ نہ گھرندين؟ ٻانھو عرض ڪندو: ڇو نہ يا رب! پر هاڻي ان کان سواءِ

بيو ڪجھ نہ گھرندس. الله پاڪ ان جي معذرت قبول فرمائيندو چو تہ اھو اھڙي شيءِ ڏسي رھيو ھوندو جنھن تي ان ڪي صبر نٿي ٿي سگھيو. الله پاڪ ٻانھي کي ان وڻ جي ويجھو ڪري ڇڏيندو ۽ اھو ان جي ڇانوَ حاصل ڪندو ۽ پاڻي پيئندو. پوءِ جڏھن اھو جنتين جا آواز ٻڌندو تہ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪندو: اي رب! تون مون کي جنت ۾ ئي داخل ڪر. الله پاڪ جي رحمت جوش ۾ ايندي ۽ ارشاد ٿيندو: اي ٻانھا! تنھنجن سوالن کي ڪھڙي شيءِ روڪي سگھي ٿي؟ ڇا تون ان ڳالھ تي راضي ٿي ويندين تہ مان توکي دنيا کان ٻيڻي جاءِ جنت ۾ عطا ڪري ڇڏيان؟ ٻانھو (حيرت سان) عرض ڪندو: اي الله! ڇا تون مون سان مذاق ڪرين ٿو، جڏھن تہ تون رب العالمين آھين؟

ايترو واقعو ٻڌائڻ کانپوءِ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي چپن تي مرڪ پکڙجي وئي ۽ ھو حاضرين کي فرمائڻ لڳا: ”توھان مون کان پڇو نٿا تہ مان ڇو مرڪيس؟“ سڀني عرض ڪيو: ”توھان ڇو مرڪيا؟“ ارشاد فرمايائون: ”جڏھن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ھي واقعو ٻڌايو ھو تہ پاڻ بہ مرڪي پيا ھئا. صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم عرض ڪيو ھو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توھان ڇو مرڪيا؟ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ھو: رب العالمين جي مرڪڻ سبب، ڇو تہ جڏھن ٻانھو چوندو: ڇا تون مون سان مذاق ڪرين ٿو جڏھن تہ تون رب العالمين آھين؟ تہ الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: مان تو سان مذاق نٿو ڪريان پر مون کي ھر شيءِ تي قدرت حاصل آھي. (مسلم، ص 100، حديث: 463 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توھان! صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم اتباعِ سنت جو ڪيڏو نہ جذبو رکندا ھئا! اھي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري ادائن کي اپنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا ھئا ۽ ان سلسلي ۾ اھو بہ نہ ڏسندا ھئا تہ جيڪڏھن اسان فلاڻو ڪم نہ ڪيون تہ گناھ نہ ملندو يا فلاڻو ڪم سنت مؤڪده آھي ۽ فلاڻو سنت غير مؤڪده آھي وغيره وغيره.

اھي بس ايترو ڏسندا ھئا تہ فلاڻو ڪم نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ھن طريقي سان ڪيو، پوءِ ان ڪم کي بلڪل ان ئي طريقي مطابق ڪرڻ جي

ڪوشش ڪندا هئا ۽ ڪنهن تنقيد ڪرڻ واري جي تنقيد ڪي خاطر ۾ نہ آڻيندا هئا، ڇو تہ اهي ڄاڻيندا هئا تہ:

عقل کو تنقید سے فرصت نہیں
عشق پر اعمال کی بنیاد رکھ

اي عاشقانِ رسول! صحابہٴِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُم اهڙا زبردست عاشقِ رسول هئا جو اهي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هر ادا ڪي اپنائڻ لاءِ بيقرار رهندا هئا. ان ضمن ۾ هڪ ٻيو محبت ڀريو واقعو پڙهو:

## ڏاچيءَ سان گڏ ڦيرا لڳائڻ جي حڪمت

حضرت علامہ قاضي عياض رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي مشهور ڪتاب "شفاء شريف" ۾ نقل فرمائن ٿا: هڪ مقام تي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُما پنهنجي ڏاچيءَ کي گهمايو. پڇڻ تي ارشاد فرمايائون: "مون کي ان کان سواءِ ڪجهہ معلوم ناهي تہ مون رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هن مقام تي ائين ڪندي ڏٺو هو، تنهن ڪري مون بہ ائين ئي ڪيو آهي.

(الشفا، 15/2 ماخوذاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُم جو اتباعِ سنت جو جذبو ڏسو ۽ ٻئي طرف پنهنجي محبت تي غور ڪيو تہ بلڪل کوکلي، عمل کان خالي ۽ زبان جي چوٽي تائين محدود آهي. افسوس! جڏهن اسان جي سامهون نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ذڪر خير ٿيندو آهي تہ اسان تي ڪا خاص ڪيفيت طاري ناهي ٿيندي! ان جي ابتڙ جڏهن اسان جي بزرگانِ دين رحمۃُ اللّٰہِ عَلَیہِم جي سامهون پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر خير ٿيندو هو تہ هيبت ۽ جلال سان انهن جي چهرن جو رنگ بدلجي ويندو هو ۽ عشق ۽ محبت ۾ انهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿيڻ لڳندا هئا. ان ضمن ۾ 2 رقت انگيز واقعا پڙهو ۽ عشقِ رسول ۾ اضافو ڪريو:

## ﴿1﴾ اسان کي انهن تي رحم اچڻ لڳندو هو

حضرت امام مالک رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ حضرت ايوب سختياني رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جي سامهون جڏهن نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي حديث مبارڪ بيان ڪئي ويندي هئي تہ اهي ايترو روئندا هئا جو اسان کي انهن تي رحم اچڻ لڳندو هو. (شفاء، 41/2 ملتقطاً)

## ﴿2﴾ ذڪر مبارڪ ٻڌندي ئي سنجيده ٿي ويندا هئا

حضرت امام ابنِ سيرين رحمۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تمام گھڻو مُسڪرائيندڙ ۽ خوش مزاج هئا، پر جڏهن انهن جي سامهون پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ذڪرِ خير ٿيندو هو تہ بلڪل سنجيده ٿي ويندا هئا، چهري تي رعب طاري ٿي ويندو هو، بدن مبارڪ مان عاجزي ۽ انڪساري ظاهر ٿيڻ لڳندي هئي ۽ کلڻ وارو انداز بلڪل ختم ٿي ويندو هو. (شفاء، 43/2 مفهوماً)

## غمِ مصطفيٰ ۾ مديني شريف کان هجرت

اي عاشقانِ رسول! اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري کانپوءِ ڪيترن ئي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم لاءِ مديني شريف ۾ رهي زندگي گذارڻ مشڪل ٿي ويو هو، ڇو تہ جڏهن اهي مديني شريف ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اٿڻ ويهڻ جي جاين ۽ انهن گهٽين کي ڏسندا هئا جتي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرمائيندا هئا تہ ڏاڍا رنجيده ٿي ويندا هئا ۽ انهن کان پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جدائي برداشت نہ ٿيندي هئي، تنهنڪري ان ئي فراق ۽ جدائيءَ جي تاب نہ آڻيندي اهي مديني شريف کان هجرت ڪري ويا. (مدارج النبوۃ، 444/2 ملتقطاً)

## مؤذنِ رسول جي مديني شريف کان هجرت

حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان بہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي جدائي برداشت نہ ٿي، ڪڏهن ڪڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ تي اهڙي رقت طاري ٿي ويندي

هئي جو مديني شريف جي گهٽين ۾ ديوانن وانگر گهمندا هئا ۽ ماڻهن کان پڇندا هئا ته جيڪڏهن توهان ڪٿي تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو آهي ته مون کي به ڏيکاريو. آخرڪار جدائي جي سَهپ نه آڻيندي پاڻ مدينو شريف ڇڏي ملڪ شام جي شهر ”حلب“ ۾ رهائش اختيار ڪيائون. ڪجھ عرصو گذرڻ کانپوءِ جڏهن هڪ رات ستا ته قسمت چمڪي پئي ۽ خواب ۾ مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت سان مشرف ٿيا. مبارڪ چپن کي جنبش ٿي، رحمت ۽ محبت جا گل ٽڙي پيا ۽ لفظ ڪجھ هن ريت ترتيب ۾ آيا: ”مَاهٰذِهِ الْجَفْوَةُ يَا بِلَال! اَمَا اٰنَ لَكَ اَنْ تَزُوْرَنِيْ يَا بِلَال!“ يعني ”اي بلال! هي ڪهڙي جفا آهي! ڇا اجا اهو وقت نه آيو آهي ته تون منهنجي زيارت لاءِ حاضر ٿئين!“ مبارڪ فرمان ٻڌندي ئي حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سفر جو سامان ٻڌي سواريءَ تي سوار ٿيا ۽ مديني شريف ڏانهن هلي پيا ۽ وڏي تيزيءَ سان منزلون طئي ڪندا مديني پاڪ ڏانهن وڌندا پئي ويا. ياد رکو! جنهن جو ارادو طيبه لاءِ ٻڌل هجي ان کي آس پاس جي ماحول سان ڪو سروڪار ناهي هوندو، ان ڪري حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تي صرف هڪ ئي ڌن سوار هئي ته جلد کان جلد پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قدمن ۾ پهچي وڃان.

گھر سے کہیں اچھا ہے مدینے کا مسافر یہاں صبح وطن شام غریب الوطنی ہے
کہتا ہے مسافر سے یہ ہر نخلِ مدینہ آرام ذرا لے لو یہاں چھاؤں گھنی ہے

آخرڪار هي عاشقِ زار مديني پاڪ جي مهڪندڙ فضائن ۾ پهچي ويو. مديني شريف جي گهٽين ۾ پهچندي ئي دل جي دنيا بدلجي وئي، خوشي و بيخودي جو عالَم طاري ٿي ويو، ديوانن وانگر مديني شريف جي گهٽين ۾ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڳولَڻ لڳا. جڏهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني شريف جي گهٽين ۾ نظر نه آيا ته سيني مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بي بي عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عَنها جي حجري ۾ موجود رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قبر انور تي پهتا ۽ روئي روئي عرض ڪيائون:

يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! حلب مان غلام کي زيارت لاءِ گهرايو ۽ جڏهن غلام زيارت لاءِ حاضر ٿيو ته توهان پردي ۾ لکي ويا.

مطلب ته! هتان عرض ۽ معروض پيش ڪئي پئي وئي ۽ اتي مديني طيبه ۾ اها خبر تيزي سان ڦهلجي وئي ته مؤذنِ رسول حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ مديني شريف ۾ تشريف وٺي آيا آهن. بس پوءِ سيني جي نگاهن ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا جلوا وري ايري اچڻ لڳا، بيقرار دليون تڙپڻ لڳيون، ماڻهو منٿون ڪندي ۽ روئي روئي التجائون ڪندي حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان هڪ ڀيرو وري پنهنجي درد ڀري انداز ۾ اذان ٻڌائڻ جو مطالبو ڪرڻ لڳا، پر حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ معذرت ڪئي ۽ ارشاد فرمايائون: "اي پيارو! توهان ڄاڻو ٿا ته جڏهن مان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري حيات ۾ اذان ڏيندو هئس ته "أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله" چئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ديدار ڪري وٺندو هيس، پر افسوس! اڄ اهو منظر نگاهن کان غائب هوندو! ان ڪري مان اذان ڏيڻ جي سگهه نٿو رکان، بهرحال حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪنهن به صورت ۾ اذان ڏيڻ تي راضي نه ٿيا. ڪن صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم اها صلاح ڏني ته جو نه حسنين ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما کي گهرايو وڃي ته جڏهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڏوهٽا فرمائش ڪندا ته پوءِ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وٽ انڪار جي گنجائش نه رهندي. تنهنڪري ماڻهو جلدي سان ٻنهي شهزادن کي وٺي آيا. حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ٻنهي شهزادن کي سيني سان لڳائي ورتو ۽ پيار ڪرڻ لڳا. شهزادن فرمائش ڪئي: "اي بلال! هڪ ڀيرو اسان کي اها اذان ٻڌايو جيڪا توهان اسان جي نانا جان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري زندگي ۾ ڏيندا هئا. هاڻي انڪار جي گنجائش ڪٿي هئي؟ لِهٰذا حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ مسجد نبوي شريف جي ڇت جي ان حصي تي چڙهيا جتي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري زندگي ۾ اذان ڏيندا هئا. جڏهن حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ مديني شريف جي پرنور فضائن ۾ پنهنجي سوز ڀري آواز ۾ "اَللّٰهُ اَكْبَر اَللّٰهُ اَكْبَر" سان اذان

جو آغاز فرمايو تہ در ۽ ديوار لُڏي ويا، ماڻهن ۾ غم ۽ صدمي جي ڪيفيت ڇائنجي وئي، آهستي آهستي آواز مديني شريف جي فضائن ۾ بلند ٿيو، جنهن ڪي ٻڌي ماڻهن جون هڏڪيون ٻڌجي ويون، سڀ ماڻهو پنهنجن گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ ”أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله“ چيو تہ هزارين رڙيون هڪدم فضا ۾ بلند ٿيون ۽ ان وقت ماڻهن جي روئڻ جو ڪو ٺڪاڻو نہ هو، ننڍڙا ٻار پنهنجين مائرن کان پڇڻ لڳا: ”مؤذنِ رسول حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ تہ اچي چڪا آهن، پر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نوراني چهرو نظر نٿو اچي، اهي ڪڏهن تشريف آڻيندا؟

بهرحال جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُ ”أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله“ چيو ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪي اکين جي سامهون نہ ڏٺائون تہ غمِ جدائي ۾ انهن جي هڪ زوردار دانهن فضا ۾ گم ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي زمين تي تشريف وٺي آيا. جڏهن هوش آيو تہ اٿيا ۽ روئندي ملڪ شام روانا ٿي ويا.

(مدارج النبوة، 583/2 ملتقطاً)

## حضرت بلال جو وصال

جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي وصال جو وقت ويجهو آيو تہ سندن گهرَواري روئندي چوڻ لڳي: ”وَاحُزْنَاهُ“ يعني ”هاءِ غم جي ڳالهہ“. حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ پنهنجي غمگين گهرواري کي دلاسو ڏيندي فرمايو: ”وَاطَرَبَاهُ“ يعني ”واه خوشي جي ڳالهہ“، ”غَدًا نَلْقَى الْأَحِبَّةَ مُحَمَّدًا وَحِزْبَهُ“ يعني ”سڀاڻي اسان پنهنجي دوستن، پنهنجي آقا ۽ مولا محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اصحاب سان ملاقات ڪنداسين.“ (احياء العلوم، 231/5 ملتقطاً)

ڪنهن عاشق ڇا تہ خوب چيو آهي:

قبر میں سرکار آئیں تو میں قدموں میں گِروں — گر فرشتے بھی اُٹھائیں تو میں ان سے یہ کہوں
اب تو پائے ناز سے میں اے فرشتو! کیوں اٹھوں — مَر کے پہنچا ہوں یہاں اِس دِلرُبا کے واسطے

## موت مومن جي لاءِ تحفو آهي

اي عاشقانِ رسول! موت مؤمن لاءِ تحفو آهي. (شعب الايمان، 171/7، حديث: 9884) ۽ هي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جو هڪ ذريعو آهي، ان ڪري مؤمن موت کان ناهي ڊڄندو، بلڪ هو خوش ٿيندو آهي تہ مرڻ کانپوءِ ان کي قبر ۾ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت نصيب ٿيندي.

## سڄي مال ۽ اولاد جي بدلي ۾ زيارتِ رسول

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”منهنجي وصالِ ظاهري کانپوءِ اهڙا ماڻهو بہ هوندا جيڪي تمنا ڪندا تہ ڪاش! انهن جو سڄو مال ۽ اولاد انهن کان وٺي ڇڏجي ۽ ان جي بدلي ۾ اهي منهنجي زيارت ڪري سگهن.“ (مسلم، ص 1164، حديث: 7145 ماخوذاً)

قسمت مجھے مِل جائے بلالِ حبشی کی
دم عشقِ محمد میں نکل جائے تو اچھا ہے

## خاتون روئيندي روئيندي جان ڏئي ڇڏي

سيني مسلمانن جي پياري امڙ حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنھا جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي هڪ خاتون عرض ڪيو: ”مون کي تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ قبر جي زيارت ڪرايو.“ حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنھا حجرو شريف کوليو ۽ ان خاتون قبر انور جي زيارت ڪري روئيندي روئيندي جان ڏئي ڇڏي.

(سبل الهديٰ والرشاد، 343/12 ماخوذاً)

آپ کے عشق میں اے کاش! کہ روتے روتے
یہ نکل جائے میری جان مدینے والے

(وسائلِ بخشش، ص422)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! هڪ خاتون جي عشقِ رسول جو اهو عالم هو جو قبرِ انور جي زيارت ڪندي ئي ان تي عشق ۽ محبت جي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ ان روئيندي روئيندي بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪري ڇڏيو! اهڙيءَ طرح اسان جي بزرگن کي بہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان بي پناھ عقيدت ۽ محبت هوندي هئي، پر افسوس! اڄ اسان جي اندر صحيح معنيٰ ۾ محبت جو اهو جذبو ۽ بيقراري نہ رهي آهي. صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم صرف زباني طور تي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت جي دعوا نہ ڪندا هئا پر عملي طور تي ان جا دليل بہ پيش ڪندا هئا، جڏهن تہ اسان صرف زباني طور محبت جي دعوا ڪندا آهيون پر عملي طور تي ان جا دليل نٿا رکون. صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ هڪ ادا تي عمل ڪرڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا، جيئن تہ

## محبوب جي ادا سان محبت

حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان فرمائي ٿو تہ هڪ درزيءَ رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعوت ڪئي. مان بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ دعوت ۾ شريڪ ٿيس. جَوَن جي ماني ۽ شوربو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون آندو ويو جنهن ۾ ڪدّو ۽ خشڪ ڪيل نمڪين گوشت هو. کائڻ دوران مون پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو تہ پيالي جي ڪنارن تان ڪدوءَ جا ٽڪرا ڳولهي رهيا هئا. ان ڪري مان ان ڏينهن کان ڪدو پسند ڪرڻ لڳس.

(بخاري، 537/3، حديث: 5436 ملتقطاً)

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم ڪيتري قدر سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند جو خيال رکندا هئا، پر افسوس! اسين ڪيترن ئي معاملن ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند ۽ سنتن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون، عقيقي، نڪاح ۽ وليمن (ياد رهي! شبِ زفاف کانپوءِ ٻن ڏينهن اندر وليمو ڪرڻ سنت آهي.) (ترمذي، 349/2، حديث: 1099)

جهڙين سنتن جي ادائيگي جي موقعي تي اسين سنتن جي بدران فيشن کي سامهون رکندا آهيون، فيشن مطابق لباس سبائيندا، وار ڪترائيندا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ڪوڙائي پنهنجو چهرو باهه جي پوڄارين جهڙو بڻائيندا آهيون. جيڪڏهن اسين پنهنجي خاندان تي نظر ڊوڙايون ته معلوم ٿيندو ته خاندان جي ڪنهن به فرد کي زلف رکڻ جي سعادت نصيب ناهي، جڏهن ته زلف رکڻ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت آهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشه زلف رکيا، ڪڏهن اڌ ڪن تائين، ڪڏهن پوري ڪن تائين ۽ ڪڏهن وڌي ويندا هئا ته مبارڪ ڪلهن کي چهندا هئا. (الشمائل المحمدية، ص18، 34، 35)

اميرِ اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڏاڙهيِ مبارڪ بابت پنهنجي جذبات جو اظهار ڪندي ارشاد فرمائن ٿا:) الله پاڪ اسان کي ايمان تي موت نصيب فرمائي ان کان پهريان جو اسان جو چهرو معاذ الله دشمنانِ مصطفيٰ جهڙو ٿي وڃي! پنهنجو اهو ذهن بڻائي ڇڏيو ته جيڪڏهن استرو هلي ته اسان جي گردن تي هلي، اسان جي ڏاڙهي تي هرگز نه هلي. افسوس! اڄڪلهه ڪيترائي مسلمان ڏاڙهي شريف جي وارن کي ڪوڙي گندي نالين ۾ وهائي ڇڏيندا آهن! افسوس! اهڙن جو آخرت ۾ ڇا ٿيندو؟ ائين ڪندڙن کي هوش ڪرڻ گهرجي.

**ياد رکو!** هڪ مٺ ڏاڙهي رکڻ واجب ۽ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽ ڪرائڻ ٻئي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهن. ڏسو! ڏاڙهي رکڻ سيني انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي سنت مبارڪ آهي، ڪوبه نبي اهڙو ناهي جنهن معاذ الله ڏاڙهي مبارڪ ڪوڙائي هجي. اهڙي طرح ڪوبه ولي به ڏاڙهي ڪوڙائيندڙ نٿو ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪو ڏاڙهي ڪوڙائيندڙ پاڻ کي ”ولي“ چوي يا سڏائي ته اهو ماڻهن کي دوکو ڏئي ٿو ڇاڪاڻ ته جيستائين اتباعِ سنت نه هجي تيستائين ڪوبه ”ولي“ نٿو ٿي سگهي، ايتري تائين جو هڪ عارفِ باصفا (يعني الله پاڪ جي هڪ ولي) جو ارشاد آهي: جيڪڏهن تون ڪنهن شيخ کي هوا ۾ اڏامندو يا پاڻي تي هلندو ڏسين پر اهو عملي طور تي الله پاڪ جي ڪنهن فرض يا نبي جي ڪنهن سنت جو

ترڪ ڪندڙ هجي تہ اهو ڪوڙو آهي، اها ان جي ڪرامت ناهي پر اِستِدراج (بي باڪ فاجرن يا ڪافرن کان جيڪا خلافِ عادت ڳالهہ انهن جي موافق ظاهر ٿئي ان کي استدراج چئبو) آهي.

## مُشرڪن جي مخالفت ڪيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي محبت جو دم تہ ڀريون ٿا، پر پاڻ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري سنت ڏاڙهي شريف پنهنجي چهري تي نٿا سجايون، جڏهن تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن واضح طور تي ارشاد فرمايو: ”خَالِفُوا الْمُشْرِكِيْنَ وَفِّرُوا اللِّحَى وَاَحْفُوا الشَّوَارِبَ“ يعني ”مشرڪن جي مخالفت ڪريو، ڏاڙهيون وڌايو ۽ مڇون خوب ننڍيون ڪريو. (بخاري، 75/4، حديث: 5892)

اهڙي طرح هڪ مقام تي ارشاد فرمايائون: ”مَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِيْ فَلَيْسَ مِنِّيْ“ يعني جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان ناهي. (بخاري، 421/3، حديث: 5063) ائين ئي هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايائون: ”مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ“ يعني جيڪو شخص جنهن قوم سان مشابهت اختيار ڪندو اهو انهن مان ئي هوندو. (ابو داؤد، 62/4، حديث: 4031)

ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارن کي هن حديث پاڪ مان خوب عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي تہ معاذالله جيڪڏهن ڏاڙهي ڪوڙائڻ سبب انهن کي باهہ جي پوڄا ڪندڙن ۾ شمار ڪيو ويو ۽ قيامت جي ڏينهن باهہ جي پوڄا ڪندڙن سان گڏ اتاريو ويو تہ انهن جو ڇا ٿيندو! الله پاڪ اسان سڀني کي هن آفت کان محفوظ فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ جي هن پرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي اسان کي غيرن کي ڇڏي ڪري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو دامن ڪرم پڪڙڻ، ٻين جا طور طريقا ۽ فيشن ڇڏي ڪري

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري پاڪيزه سنتن کي اپنائڻ جو درس ڏيندي آهي ۽ انهيءَ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي.

## سنت لباس

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فيشن وارو لباس ڇڏي سنتن ڀريو لباس اپنايو. لباس ۾ سنت اها آهي ته قميص جي دامن جي ڊيگهه اڌ پنڊلي تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهه وڌ ۾ وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي، ۽ مرد جو تهمبند يا پاجامو پيڏين کان مٿي هجي بدقسمتي سان اڄ اسان کي پاجامي جا پائنچا پيڏين کان مٿي رکندي شرم ايندو آهي، جڏهن ته اها سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري سنت ۽ صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهم ۽ اولياءِ ڪرام رحمةُ اللهِ عَلَيْهِم جو طريقو آهي.


**ياد رکو!** تڪبر جي ڪري پاجامي يا شلوار جو پائنچو پيڏين کان هيٺ رکڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ۽ ان تي سخت عذاب جي وعيد آهي. جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي: ”(تڪبر جي ڪري) تهمبند (۽ شلوار وغيره) جو جيڪو حصو ٻنهي پيڏين کان هيٺ آهي اهو باهه ۾ آهي. (بخاري، 46/4، حديث: 5787) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: ”هڪ شخص تڪبر سان پنهنجو تهمبند گهليندو پئي ويو ته ان کي زمين ۾ ڌڪايو ويو ۽ اهو قيامت تائين ڌڪجندو ويندو.“ (بخاري، 471/2، حديث: 3485)

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي لباس تي غور ڪرڻ جي عادت ٺاهيو. تي سگهي ته اڇو لباس پائڻ جي عادت ٺاهيو، ڇو ته اهو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پسنديده لباس آهي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي پائڻ جي ترغيب ڏياري آهي. جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي: ”اڇو لباس پايو ۽ پنهنجا مردا به اڇي لباس ۾ ڪفنايو. (ترمذي، 370/4، حديث: 2819 ملتقطاً)

الله پاڪ اسان سڀني کي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سنتن تي خوب عمل ڪرڻ جو جذبو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

ايندڙ هفتي جو رسالو





فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net